ٻارو! ڪنهن ڳوٺ ۾ هڪُ شخص وَتايو رهندو هو. هن کي ڪَراچي ڏَسڻ جو ڏاڍو ڏاڍو شَوق هو. هڪ ڏينهن هُو ڪَراچي وڃڻ لاءِ سَنبريو. ٿيلهو ڪُلهي تي رَکي ماءُ کان ڪُجهه پَيسا گُهريائين. ماءُ کيس چيو "اَبا! پُڌو آ ڪَراچي ڏاڍو سُهڻو شهر آهي."

وَتايو ڪَراچيءَ پهتو. جڏهن بَس مان لَٿو تہ حيران ٿي ويو. هُو پهريون ڀيرو ڪَراچي آيو هو. دل ۾ چوڻ لڳو ”واهہ...! روشنين جا شهر، ڪَراچي...! ايڏيون گاڏيون، هيڏيون وڏيون عِمارتون.“ هُن سوچيو تہ جلدي جلدي ڪَراچي گهمي وٺان مَتان رات نہ ٿي وڃي.



پُڇا ڪندو ڪلفٽن تي اَچي پهتو ڪيس سَمنڊ نظر آيو. ”مار...هيڏو وڏو درياءُ!“ پَرسان بينل ماڻهوءَ ڪيس ٻڌايو ”اڪا، هي درياءُ نہ، سَمنڊ آهي.“ وَتائي ان کان اڳ ڪڏهن سَمنڊ تہ ڏٺو هو. سَمنڊ تي گُهمندي ڳوٺ جي ٻارن کي ڏيکارڻ لاءِ سِپيُون گڏ ڪيون.



هُو قائداعظم جي مَزار تي پُهتو. مَزار تي
ڪيترائي ماڻهو گُهمڻ آيا هئا. مَزار جي چَوڌاري
ننڍڙا سُهڻا باغيچا هئا جتي پاڻي جا ڦوهارا پڻ
هلي رهيا هئا. مَزار تي گهمي ڦري هو ٽڪجي
پيو پَر ٽڏڙي هِير ۾ هن جو سمورو ٽڪ لهي ويو.

مَزار کان پوءِ وَتايو راڻي باغ پهتو. هن شينهن، ٻولڙا، ڦاڙها، بَگهڙ، گِدڙ ۽ واڳون ڏٺا. مور پرَ کولي نچي رهيو هو تہ طوطا مِٺيون ٻوليون ٻولي رهيا هئا. وَتائي هاڻي تي چڙهي سير بہ ڪيو. وَتائي کي ڏاڍي سَرهائي ٿي.



وَتائي صدر بازار جي هڪ هوٽل ۾ ماني کاڏي.
بازار ۾ ڪپڙن، رانديڪن، بُوٽن ۽ ڪِتابن جا
دُڪان هئا. وَتائي پنهنجي لاءِ بُوٽ، ماءُ لاءِ وَڳو
۽ پاڙي جي ٻارن لاءِ ڪٽمنڙا ورتا. رات ٿي چُڪي
هُئي. هن کي پوءِ گهوٽ واپس وڃڻ جو خيال آيو.



گهر واپس پُهچڻ تي هُن ماءُ کي سَمنڊ تي ڪَيرايل فوٽو ڏيکاريو ۽ ٻُڌايو ته ڪَراچي ڏاڍو خوبصورت شهر آهي. هُن ماءُ کي چيو "امان! ٻئي پيري توکي به مان ڪَراچي شهر گهمائيندس." هُن ماءُ کي وَڳو ڏنو ۽ ٻارن کي سِپيون ۽ ڪنمنڙا ڏنائين.

اهم سوال

جيڪڏهن توهان کي موقعو ملي ته توهان ڪهڙو شهر گُهمندو ۽ چو؟

پڙهڻ جون صلاحيتون ۽ حڪمت عمليون

آواز: گهٽن پدن وارن لفظن جي سُجاڻپ.

لفظن جو ذخيرو: شخص، گُهمڻ، سَنبريو، سُهڻو، عمارتون، ڪِلفٽن، سَمنڊ، سِپيُون، آئسڪريم، رَونق، ٽڏڙي، ڪنمنڙا.

زبان شناسِي: صفت.

ليولڊ ريڊرز

ليولڊ ريڊرز جو بنيادي مقصد شاگردن کي پڙهڻ ۾ خودمختيار ڪرڻ آهي، شاگردن جي 'پڙهڻ' جي صلاحيتن کي سامهون رکندي هر ڪهاڻيءَ جا ٽي سيٽ لکيا ويا آهن جن کي 'ليولڊ ريڊرز' چيو وڃي ٿو. هي ليولڊ ريڊرز شاگردن جي ٽن سطحن (بهتر درجي جا پڙهندڙ، وچولي درجي جا پڙهندڙ ۽ شروعاتي درجي جا پڙهندڙ) تي مشتمل آهن. 24 هفتن لاءِ 8 ليولڊ ريڊرز لکيا ويا آهن جڏهن ته هر ليولڊ ريڊر لاءِ 3 هفتا مخصوص ڪيا ويا آهن سيني ليولڊ ريڊرز جي پوئين صفحي تي شاگردن جي لاءِ پڙهڻ جي لاڳاپيل مهارتن جون سرگرميون ڏنل آهن. ليولڊ ريڊرز جون هي ڪهاڻيون لکڻ دوران ڪيترن ئي اصولن کي نظر ۾ رکيو ويو آهي. مثال طور: مخصوص موضوعن جي چونڊ، شاگردن جي عمر ۽ ذهني سطح، مناسب لفظن جو ذخيرو، سادو اسلوب ۽ شاگردن جي دلچسپيءَ جي عنصر کي قائم رکڻ لاءِ واضح ۽ وٽندڙ تصويرون وغيره.

تدريسي مواد جي تياريءَ دوران هن کي هر قسم جي غلطيءَ کان آجو رکڻ جي پرپور ڪوشش ڪئي وئي آهي. تنهن هوندي به استعمال دوران جيڪڏهن ڪا ڪمي نظر اچي ته ان بابت مهرباني ڪري ٽرٽ پاڪستان ريڊنگ پراجيڪٽ جي صوبائي/ ضلعي آفيس کي جاڻ ڏني وڃي. ان سهڪار جي لاءِ اسان اوهان جا ٽوراڻتا رهنداسين.

استادن لاءِ هدايتون

شروعاتي 3 صفحن کان پوءِ جا سوال

1. وتايو ڪهڙو شهر گهمڻ ويو؟
2. ڪراچي پهچي وتايو ڇو حيران ٿيو؟

اڌ ڪهاڻيءَ کان پوءِ جا سوال

3. سمنڊ ڏسي وتائي ڇا چيو؟
4. وتايو اُٺ تي ڇو چڙهيو؟

ڪهاڻيءَ جي پُڄاڻيءَ کان پوءِ جا سوال

5. بازار مان وتائي ڪهڙي خريداري ڪئي؟
6. ڪراچيءَ مان واپس اچي وتايو ماءُ کي ڇا چيو؟
7. توهان ڪهڙن ڪهڙن ذائقن وارا ڪٽمٺڙا کاڌا آهن؟

www.pakreading.org

This publication is made possible by the support of the American people through the United States Agency for International Development (USAID). It is produced by the USAID-funded Pakistan Reading Project in collaboration with the provincial/regional government. The contents are the sole responsibility of the project and do not necessarily reflect the views of USAID or the United States Government.

هن اشاعت جي فراهمي آمريڪي عوام جي سهڪار سان بين الاقوامي ترقيءَ جي آمريڪي اداري طرفان ڪئي وئي آهي. هي دستاويز يو ايس ايڊ پاڪستان ريڊنگ پراجيڪٽ، صوبائي/ علاقائي حڪومتن جي تعاون ۽ پائيواري سان تيار ڪيو آهي. هن اشاعت جي مڪمل ذميواري پاڪستان ريڊنگ پراجيڪٽ جي آهي ۽ ضروري نه آهي ته هي يو ايس ايڊ يا آمريڪي حڪومت جي نظريي جي عڪاسي ڪندي هجي.